صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# حُسنِ مصطفيٰ

## 30 November 2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# حُسنِ مصطفيٰ ﷺ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .**

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

**حضرت اَبُو المواهب** رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه **فرمائن ٿا: مون خواب ۾ رَسُولُ الله** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي ڏٺو، حُضُورِ اقدس** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **مون کي فرمايو: 'قيامت جي ڏينهن توهان هڪ لک ٻانهن جي شَفَاعت ڪندو." مون عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! آئون ڪيئن انهيءَ قابِل ٿيس؟ ارشاد فرمايائون: ان ڪري جو توهان مون تي دُرُود پڙهي ان جو ثواب مون کي نذر ڪري ڇڏيندا آهيو.**

(الطبقات الکبری للشعراني ،ج۲،ص۱۰۱)

شافعِ روزِ جزا، تم پہ کروروں دُرُود
دافعِ جُملہ بلا، تم پہ کروروں دُرُود

مختصر وضاحت: اي قيامت جي ڏينهن اسان گناهہ گارن جي شفاعت ڪرڻ وارا آقا توهان تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين ۽ اي سمورين مصيبتن ۽ تڪليفن کي اسان کان ٽارڻ وارا پيارا آقا صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبيرللطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ڇڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عظيم نوراني رات!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ 1439 سنِ هجري جي ربيعُ الاول جي ٻارهين جي رات آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ جا لک شڪر آهن جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر عظيمُ الشان فضيلتن ۽ برڪتن ڀري مُقدّس رات نصيب فرمائي، هي اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ محبوبِ ربّ، سلطانِ عرب، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم، نبي محتشم، شاهِ عرب و عجم، شافعِ اُمم، سراپا جُود و ڪرم، دافعِ رَنج و اَلَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن دنيا ۾ جلوه گر ٿيا. اها عظيم رات آهي جيڪا شبِ قدر کان بہ افضل آهي، اها عظيم رات آهي جنهن ۾ مڪانِ آمِنہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھا مان اهو عظيم نور چمڪيو جنهن سان اولهہ ۽ اوڀر روشن ٿي ويو. اها عظيم رات آهي جنهن ۾ حڪمِ خداوندي سان ملائڪن جي آقا جبرئيلِ امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اولهہ اوڀر ۽ خانہ ڪعبہ تي جهنڊو لڳايو. اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري تي اِيران جي بادشاهہ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ اِيران جو هڪ هزار سالن کان ٻرندڙ آتش ڪده (پارسين جي عبادت گاهہ اها وڏي باهہ) وسامي ويو .

بُجھ گئیں جس کے آگے سبھی مشعلیں
شمع وہ لے کر آیا ہمارا نبی

(حدائق بخشش ،ص138)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اها عظيم نوراني، جڳمڳ ڪندڙ رات آهي جو هن ۾ الله تعاليٰ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا،اڄ جي هن عظيم نوراني رات ۾ حضرت سيدتنا آمنہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھا جي گلشن جي مهڪندڙ گل، رسولِ مقبول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جو مبارڪ ذڪر ڪندا ۽ ٻڌنداسين، شانِ مصطفيٰ ۽ يادِ مصطفيٰ ۾ نعتون پڙهنداسين، مرحبا

يامصطفيٰ جا نعرا لڳائينداسين ۽ پنهنجي خالي دامن کي رحمتن ۽ برڪتن سان ڀريندا‌سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اسان جي آقا ۽ مولٰي، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله عَزَّ وَجَلَّ سمورين بهترين صفتن سان مزين فرمايو آهي ۽ هر عيب کان پاڪ پيدا ڪيو، ڪيئي زمانہ آيا ۽ گُذري ويا پر اڄ تائين اهڙي شان ۽ شوڪت، عزت ۽ رُتبي وارو ڪو آيو آهي نہ ايندو. اچو! اعليٰ حضرت، امام عشق ومحبت مولانا شاه امام احمد رضاخان رَحۡمَةُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه جو نهايت ئي پيارو شعر ٻڌون ٿا .

تِرے خُلق کو حق نے عظیم کہا تِری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

شعر جي وضاحت: اي منهنجا رحمت وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله عَزَّ وَجَلَّ توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خُلقِ مُبارڪ (يعني اَخلاق) کي عظيم (تمام وڏو) قرار ڏنو آهي ۽ توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ برڪتون کڻي آئي، اهڙي نرالي ۽ حَسِين ڪنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! ڀلا توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيان ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم آهي"اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهڙو ڪو نہ آهي" (شرحِ حدائقِ بخشش،ص:226)

اچو! بيان کان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماه رِسالت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي تہ مدني پرچم لوڏي ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جي ڌُوم مچايو.

سرکار جي آمد ...مرحبا سردار جي آمد ...مرحبا آمنه جي گل جي آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا پياري جي آمد ...مرحبا سٺي جي آمد ... مرحبا
سچي جي آمد ...مرحبا سهڻي جي آمد ...مرحبا مُختارجي آمد ...مرحبا
مُختار جي آمد ...مرحبا مُختار جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفٰي مرحبا يا مصطفٰي مرحبا يا مصطفٰي مرحبا يا مصطفٰي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بي مثال حُسن جا پيڪر!

منقول آهي ته هڪ ڀيري ڪجهه غير مُسلِم اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا علي المرتضٰي شير خدا ڪرّم الله تعالي وجهه الڪريم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اي ابوالحسن! پنهنجي چاچي جي پٽ (يعني پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا وصف بيان ڪيو! ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اِرشاد فرمايو: رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه ته گهڻا ڊگها هئا ۽ نه ئي بلڪل ننڍي قد جا، بلڪ وچولي قد کان ڪجهه ڊگها هئا، رنگ مبارڪ سفيد هو جنهن ۾ ڳاڙهاڻ جو به اثر هو، مبارڪ زلف (يعني وارَ مبارڪ) نه وڌيڪ گهنگهريالا هئا بلڪ ڪجهه خمدار هئا جيڪي ڪنن تائين هوندا ها،ڪشاده پيشاني، سُرمگين اکيون، چمڪندڙ مبارڪ ڏند، بُلند نڪ، ڪنڌ گهڻو صاف جهڙو چاندي جي صراحي، جڏهن هلندا هئا ته مضبوطي سان قدم رکندا هئا جيئن بلندي تان لهي رهيا هجن، جڏهن ڪنهن ڏانهن متوجهه ٿيندا هئا ته پوري توجُّه فرمائيندا هئا، جڏهن ويهندا هئا ته ماڻهن کان بلند لڳندا هئا ۽ جڏهن ويهندا هئا تڏهن به سيني ۾ نُمايان هوندا هئا، جڏهن گفتگو ڪندا هئا ته ماڻهن تي خاموشي ڇانئجي ويندي هئي، جڏهن خطبو اِرشاد فرمائيندا هئا ته سامعين تي گِريو (روئڻ واري حالت) طاري ٿيندي هئي، ماڻهن تي سڀ کان وڌيڪ رحيم ۽ مهربان، يتيمن جي لاءِ شفيق پيءُ وانگر، بيوائن جي لاءِ ڪريم ۽ نرم دل، سيني کان وڌيڪ بهادر، سيني کان گهڻا سخي ۽ روشن چهري وارا هئا، عباء (جُبو) پائيندا هئا، جَوَ جي ماني کائيندا هئا، حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وهاڻو چمڙي جو هو جنهن ۾ کجي جي ڇال(يعني چوڏا،

سنهن پتن) سان پريل هئا. ڪٽ ٻبر جي ڪاني جي هئي جيڪا ڪجيءَ جي پنن جي رسي سان واٽيل هئي، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻه عمامه هئا، هڪ جو نالو سحاب جڏهن ته ٻي کي عُقاب چيو ويندو هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ضرورت وارين شين ۾ تلوار ذُوالفَقَار، ڏاچي عضباء، خچر دُلدُل، گڏهه يعفور، گهوڙو بحر، ٻڪري برڪة، عصا ممشوق ۽ جهنڊو ''لِواءُ الحَمد'' جي نالي سان مشهور هو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُٺ کي پاڻ ٻڌندا هئا ۽ ان کي گاهه ڏيندا هئا، ڪپڙن کي چتيون لڳائيندا هئا ۽ جُوتي جي اصلاح به پاڻ ئي ڪندا هئا. مڪمل حُليو مُبارڪ بيان فرمائڻ کان بعد اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا مَوليٰ علي شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم ارشادفرمايو:لَمْ اَرَ قَبْلَهٗ وَ لَا بَعْدَهٗ مِثْلَهٗ، مون حُضُور عَلَيه الصَّلوٰةوَالسَّلَام کان پهريان ۽ پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةوَالسَّلَام کان پوءِ اوهان جهڙو ٻيو ڪو نه ڏٺو. ـ

(ازالة الخفا، ۴۹۹/۴،ملتقطاً وترمذي: ۳۶۴/۵، حديث: ۳۶۵۷ و: ۳۶۵۸)

حُسن تیرا سا نہ دیکھا نہ سُنا　　کہتے ہیں اگلے زمانے والے
وہی دھوم ان کی ہے مَاشَاءَاللہ　　مِٹ گئے آپ مٹانے والے

(حدائقِ بخشش:161)

حُسن و جمالِ مصطفٰی　　مرحبا صد مرحبا
اَوج و کمالِ مصطفٰی　　مرحبا صد مرحبا
عز وجلال مصطفٰی　　مرحباصد مرحبا
عادات وخصالِ مصطفٰی　　مرحبا صد مرحبا
عظمت وشانِ مصطفٰی　　مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته مولاءِ ڪائنات حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه پنهنجي پياري آقا عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي مبارڪ حُسن ۽ جَمال ۽ عادتن ۽ خصلتن کي ڪيتري خوبصورت انداز ۾ بيان فرمايو جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نرم دل يتيمن ۽ ٻارن سان محبت ڪرڻ وارا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عاجزي جا اهڙا پيڪر هئا جو پاڻ پنهنجن ڪپڙن ۾ چتيون لڳائيندا هئا پر اسان آهيون جو اسان کي هر تقريب ۾ نئون سُوٽ لازمي کپي ۽ چڱي حالت ۾ موجود ڪپڙا بہ بِلاوجہ ضائع ڪندا آهيون، اسان جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ پنهنجو ڪم پنهنجي هٿ سان ڪندا هئا پر اسان پنهنجي گهر وارن ۽ نوڪرن کان رعب سان ڪم ڪرائيندا آهيون ۽ جيڪڏهن خلافِ مزاج ڪم ٿئي تہ گهر وارن سان وڙهڻ ۽ نوڪرن کي مار ڪٽ کان بہ پاسو نٿا ڪيون، ڪڏهن ڪڏهن تہ نوڪري تان بہ فارغ ڪري ڇڏيندا آهيون. ياد رکو! اسان جنهن ڪريم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪلمو پڙهيو آهي ان جي ڪردار مان تہ اسان کي عاجزي، انڪساري، ننڍن تي شفقت ۽ ملازمن (Servants) سان حُسنِ سُلوڪ جو درس ملي ٿو، تنهنڪري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت ِمبارڪ کي اپنايو ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي بهتر بڻايو ڇوتہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اخلاق ۽ عادتون بي مثل ۽بي مثال آهن، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تمام مخلوق ۾ منفرد ۽ ممتاز آهن، يقيناً اَوَّلين ۽ آخرين ۾ اهڙي حسن ۽ جمال ۽ خوبي ۽ڪمال وارو ڪو نہ هو، نہ آهي، نہ ڪڏهن ٿيندو، تڏهن تہ مولاءِ ڪائنات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سِيرت ۽ صورت ٻنهي کي بيان ڪندي سچ ٿي فرمايائون: لَمْ اَرَ قَبْلَهٗ وَلَا بَعْدَهٗ مِثْلَهٗ۔ يعني مون اوهان کان پهريان ۽ اوهان کان بعد اوهان جهڙو ڪو بيو نہ ڏٺو .

مشهورمُفسرِقرآن، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرات صحابہ ڪرام (عَلَيهِمُ الرِّضوَان) حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مثل ڇا ڏسن ها خدا تہ حُضُور (عَلَيهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام) جي مثل بڻايو ئي ناهي. (مرآة المناجيح، باب اسماء النبي و صفاته، الفصل الثاني، ۵۸/۸، ملتقطاً)

کوئی مثلِ مصطفیٰ کا کبھی تھا نہ ہے نہ ہوگا
کسی اور کا یہ رتبہ کبھی تھا نہ ہے نہ ہوگا

ياد رکو! جهڙي طرح نبي اکرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو کمالِ سيرت ۾ کو مٽ ناهي، اهڙي طرح تمام اَوَّلين ۽ آخرين ۾ اوهان جي حسن ۽ جمال جهڙو بہ کو ناهي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذات حسن ۽ جمال جو اهو عظيم پيڪر آهي جو جنهن جي ديدار سان مُرجهايل پنکڙيون کلي پون ٿيون، اونداهہ دل چمکي پون ٿا، غمگين دل چين ۽ سکون (Peace) ماڻن ٿا، اسان جي آقا ۽ موليٰ ،مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حُسن ۽ جمال اهڙو بي مثال آهي جو هر صحابي رسول جي اها خواهش ۽ تمنا هوندي هئي تہ هر وقت پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نور پري چهري جي زيارت سان فيضياب ٿيندا رهن، ان ڪري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حُسن ۽ جمال جي پيڪر، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهره انور جي ديدارِ سان پنهنجي اکين کي ٿڌاڻ ۽ دلين کي راحت پهچائيندا هئا ۽ مصطفيٰ ڪريم جي چهري جي هڪ جهلڪ انهن جي دلين ۾ هزارين خوشيون آڻيندي هئي.

حضرت سيدُنا ابُوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ زيارتِ رسول جي وقت پنهنجي ڪيفيت بيان ڪندي فرمائن ٿا: اِنِّیْ اِذَارَأَیْتُكَ طَابَتْ نَفْسِی وَ قَرَّتْ عَیْنِی يعني جڏهن مان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت سان فيضياب ٿيندو آهيان تہ دل خوشي ۾ جُهومڻ لڳندي آهي ۽ منهنجون اکيون ٺڏيون ٿي ويندیون آهن .

(مسند امام احمد،۳ /۱۵۱ حديث:۷۹۳۷ملتقطا)

اهڙي طرح هڪ شخص سرورِ ڪائنات، فَخرِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهڙي طرح ديدار ڪندو هو جو اک بہ نہ چنبيندو هو. نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ائين ڏسڻ جو ڇا سبب آهي؟ عرض ڪيائين:آقا منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان جي مبارڪ چهري جي زيارت سان لطف اندوز ٿيندو آهيان.

(شفا،الفصل الثانی فی ثواب محبته،۲/۲۰)

سُبْحٰنَ اللهعَزَّوَجَلَّ !صحابہ ڪرامعَلَيهِمُ الرِّضْوَان نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

www.dawateislami.net

وَسَلَّمَ جي حُسن ۽ جمال جا ڪيترا عاشق هئا جو هر وَقت پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رُخ روشن جي نوراني جلون ۾ گم رهندا هئا ۽ سندن نور واري چهري جي تجليات سان پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ڪندا هئا، حضور صَلَّي الله تَعَالي عَلَيه وآلِهٖ وَسَلَّمَ جو حُسن ۽ جمال اهڙو بي مثال هو، جيڪو ڏسندو هو ڏسندو ئي رهجي ويندو هو. چهره مصطفيٰ کي ڏسي صحابہ ڪرام عشقِ رسول ۾ اهڙا فدا ٿيندا هئا جو ڪو چنڊ سان تشبيہ ڏيندو هو تہ ڪنهن صحابي جي ويجهو مصطفيٰ جو چهرو مبارڪ چنڊ کان وڌيڪ حسين هوندو هو، ڪو سج سان تشبيہ ڏيندو هو، مطلب تہ هر صحابي پنهنجن پنهنجن لفظن ۾عشق جو اظهار ڪندي نبيِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حسن ۽ جمال کي بيان ڪندا هئا.

منهنجا آقا، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قلم بہ جڏهن حُسن ۽ جمالِ مُصطفيٰ جون برڪتون ونڻ جي لاءِ پنهنجو دامن پکيڙيو تہ الفاظ ڪجهہ ائين ترتيب ۾ آيا:

سرور کہوں کہ مالک و مولیٰ کہوں تجھے باغِ خلیل کا گُلِ زیبا کہوں تجھے
اللہ رے تیرے جسمِ منوّر کی تابِشیں اے جانِ جاں میں جانِ تجلّا کہوں تجھے
تیرے تو وَصف عیب تناہی سے ہیں بَری حیراں ہُوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے
کہہ لے گی سب کچھ اُن کے ثنا خواں کی خامشی چُپ ہو رہا ہے کہہ کے میں کیا کیا کہوں تجھے
لیکن رضاؔ نے خَتمِ سُخَن اِس پہ کر دیا خالق کا بندہ خلق کا آقا کہوں تجھے

(حدائقِ بخشش،ص174)

حُسن وجمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا آوج وکمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا ابُوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: ”مَارَاَيتُ شَيئاً اَحْسَنَ مِنْ رَّسُوْلِ الله صَلَی الله عَلَيه وَسَلَّمَ كَاَنَّ الشَّمْسَ تَجرِی عَلٰی وَجْهِهٖ يعني مون رسُول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ حسين ڪنهن کي ناهي ڏٺو، جڻ تہ ائين معلوم ٿيندو هو تہ سج سندن

www.dawateislami.net

چهري ۾ هلي رهيو آهي. (مشكاة،كتاب الفضائل ، باب فضائل سيد المرسلين، ٣٦٢/٢، حديث: ٥٧٩٥ )

حضرت سَيدُنا جابر بن سَمُره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون رَسُوْلُ اللہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چانڊوڪي رات ۾ سُرخ (ڌاري دار) حُلّو(جبو) پاتل ڏٺو، مان ڪڏهن چنڊ جي طرف ڏسان ۽ ڪڏهن سَرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهء اَنور کي ڏسان، تہ مون کي مصطفٰي جو چهرو چنڊ کان بہ وڌيڪ خُوبصُورت نظر ٿي آيو. (سنن الترمذي،كتاب الأدب، باب ماجاء في الرخصة في لبس ---الخ، الحديث:٢٨٢٠، ٣٧٠/۴)

مشهور مُفسرِقرآن، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمديار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح بيان ڪندي فرمائن ٿا :اِن حضرات (صَحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ) جي نگاہ حقيقت بِين (يعني حقيقت ڏسڻ واري) هئي. حقيقت ۾ چهره مُصطَفَوِي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چنڊ کان گهڻو حسين آهي جو چنڊ صرف رات ۾ چمڪندو آهي اهو چهرو ڏينهن رات چمڪي، چنڊ صرف ٿي راتيون چمڪندو آهي هي چهرو هميشہ هر ڏينهن رات چمڪي، چنڊ جسمن تي چمڪي پر هي چهرو دلين تي بہ چمڪي، چنڊ نورِ اَبدان (يعني جسمن کي نُور) ڏي، هي چهرو نورِ اِيمان ڏي، چنڊ گهٽ وڌ ٿئي پر هي چهرو گهٽجڻ کان محفوظ رهيو، چنڊ کي گِرهڻ لڳي، ان کي ڪڏهن نہ گرهڻ ٿئي، چنڊ سان عالَمِ اَجسام جو نظام قائم آهي، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عالَمِ ايمان جونظام، حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چنڊ کان گهڻو حسين هئڻ صرف انهن جي عقيدت ۾ نہ هو. بلڪ واقعو ايئن ئي آهي، چنڊ ڏسي ڪنهن هٿ نہ ڪپيا، حُسنِ يوسف ڏسي مصر جي عورتن پنهنجا هٿ ڪٽي ورتا ۽ حُسْنِ يوسف کان حُسنِ محمد گهڻو افضل آهي، تنهنڪري حضرت جابر ( رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ) جو هي فرمان بلڪل درست آهي.

(مِراٰةُ المَناجِيح، باب اسماء النبي---الخ،الفصل الثاني،٦٠/٨)

حُسنِ یُوسُف پہ کٹیں مصر میں انگشتِ زَناں
سَر کٹاتے ہیں تِرے نام پہ مردانِ عرب

مُختصر وضاحت: مصر جي عورتن جڏهن حسن يوسف ڏٺو تہ بي اختيار ٿي

پنهنجون آڱرڪتي وينيون اي منهنجا آقا توهان جي حسن ۽ جمال جو عالم چا هوندوجڏهن تہ توهان جو نالو مبارڪ ئي اهڙو آهي جو عرب جا جوان توهان جي نالي تي پنهنجا سر ڪترائي رهيا آهن ۽ قيامت تائين ڪٽائيندا رهندا

حُسن و جمالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا
اَوج و کمالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا
عادات وخصالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا
عز وجلال مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا
عظمت وشانِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چوڏهين جي رات جي چنڊ جهڙو چهرو

هڪ ڀيري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني جي باغن ۾ تشريف کڻي ويا، اتي پاڻ هڪ قافلي وارن کي ڏٺو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو تہ هتي ڇا جي لاءِ آيا آهيو؟ انهن چيو: اسان هتان جون کجورون وٺڻ جي لاءِ آيا آهيون، انهن وٽ ڳاڙهو اُٺ هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيائون ڇا توهان هي اُٺ مون کي وڪڻندو؟ انهن چيو: جي ها، ايتري صاع (هڪ پيمانو) کجورن جي بدلي ۾ وڪڻنداسين، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مان هتي اُٺ وٺڻ جي نيت سان تہ نہ آيو هئس، ان ڪري قيمت (Price) ناهي آندي، مان پنهنجي شهر پهچي ان جي قيمت موڪلي ڏيندس. (هي چئي) پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اٺ جي واڳ پڪڙي هلڻ لڳا، قافلي وارن کي جيستائين پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نظر ايندا رهيا، هو پاڻ عَلَيه السَّلَام کي ئي ڏسندا رهيا، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي نگاهن کان پري ٿيا تہ هاڻي اهي پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هي اسان ڇا ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسان اٺ هڪ اهڙي شخص کي ڏنو آهي جنهن کي اسان سڃاڻون بہ نٿا ۽ نہ ئي اسان ان کان قيمت وصول ڪئي آهي. اسان ڳالهين ۾ لڳل رهياسين

۽ هو شخص اسان جو اُٺ وٺي هليو ويو. ايتري ۾ جيڪا عورت انهن سان گڏ هئي، ان چيو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون انهن جو چهرو ڏٺو آهي انهن جو چهرو چوڏهين جي چنڊ جو ٽڪرو هو، اَنَا ضَامِنَةٌ لِثَمَنِ جَمَلِكُمْ آئون توهان جي اُٺ جي ضامن آهيان، جيڪڏهن هو تشريف نہ آيا تہ قيمت مون کان وٺجو.

(دلائل النبوة للبيهقي،ج۵/۳۸۱ ملخصا)

اهڙي طرح هڪ خاتون جنهن جو نالو اُمِّ مَعبد هو، اُنهن رحمت عَالَم، نبي محتشم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن ۽ جمال کي نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي، فرمائڻ ٿيون: "مون هڪ اهڙي ذات ڏٺي آهي، جنهن جو حُسن نُمايان هو، جن جو چهرو خُوبصورت ۽ تخليق تمام بهترين هئي، گهڻا حَسين، اِنتهائي خُوبصورت هئا، اکيون ڪاريون ۽ وڏيون، پَلڪون ڊگهيون هيون، انهن جي آواز گُونج دار، ڳچي چمڪدار، جڏهن تہ ڏاڙهي مُبارَڪ گهاٽي هئي. ڀَئي پِرون باريڪ ۽ مليل هيون. انهن جي مُبارَڪ قَد ۾ بہ اعتدال هو، نہ ايترو ڊگهو قَد جو ڏسي ڪري بُرو لڳي، نہ ايترو ننڍو جو ڏسي ڪري حقير معلوم ٿئي، پَري کان ڏسو تہ تمام گهڻو رُعب دار ۽ حَسين ۽ جميل نظر ٿي آيا ۽ جڏهن ويجهي کان ڏٺو وڃي تہ ان کان بہ گهڻو خوبصورت ۽ حَسين ڏسڻ ٿي آيا. (سبل الهدي والرشاد، الباب الرابع في هجرة ...الخ، ۲۴۴/۳ملتقطا)

حُسن و جمالِ مصطفٰي مرحبا صد مرحبا اَوج و کمالِ مصطفٰي مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪهڙو لازوال ۽ عمده حُسن ۽ جمال عطا فرمايو هو جو ڏسڻ وارو ڏسندو ئي رهجي ويندو هو. ياد رکو! حُضور عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صورت سان گڏوگڏ سيرت ۾ بہ اوهان جهڙو ڪو نہ هو. ڪي ماڻهو اهي هوندا آهن جو جيڪڏهن انهن کان صرف سلام دعا جي حد تائين تعلق هجي تہ اهي نهايت نيڪ ۽ اعليٰ اخلاق جا مالڪ نظر ايندا آهن، پر جڏهن انهن کان ڏيتي ليتي جو معاملو ڪيو

www.dawateislami.net

وجي، يا انهن سان رشتيداري ڪئي وڃي ته انهن جي حقيقت جو پتو پوندو آهي ته ڪيترا نيڪ ۽ ڪيترا بااخلاق آهن، پر پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جو مُعاملو اهڙو نه هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ته ڪامِلُ الاَخلَاق هئا، ننڍو هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جَوان، آقا هجي يا غُلام هر هڪ سان اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اَخلاقي ورتاءُ ايترو پيارو هوندو هو جو ماڻهو مُتَاثّر ٿي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراهه ڪندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسنِ اَخلاق سان مُتَاثّر (Impressed) ٿي اَجنَبي پهنجائپ محسوس ڪندا هئا، جيڪي پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کان پري هوندا هئا ته اهي به پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي صَادق ۽ اَمين چوندا هئا، جيڪي پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کان ڏيتي ليتي ڪندا هئا ۽ غَيرمسلم هوندا هئا ته سندن اَخلاق کان مُتَاثّر ٿي مسلمان ٿي ويندا هئا ۽ جيڪڏهن ڏيتي ليتي ڪندڙ مسلمان هوندا هئا ته انهن جا ايمان مظبوط ٿي ويندا هئا ۽ هو پاڻ عَلَيه السَّلَام جي نالي تي پنهنجون جانيون به قربان ڪرڻ کان پاسو نه ڪندا هئا.

سرکش جو تھے قائل ہوئے دُشمن جو تھے مائل ہوئے
مسحُور کن ہے کس قدر یا مُصطفیٰ لہجہ تیرا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان غورڪريون ته اسان جا گهر وارا، پاڙيسري ۽ رِشتيدار بدظن نظر اچن ٿا، اسان سان ڏيتي ليتي ڪم ڪار ۽ ٻيا معاملا ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا، آخر ائين ڇو آهي؟ ڪٿي اسان بداَخلاقي، تڪبر، ڳالهه ڳالهه تي لڙائي جهيڙو ڪرڻ جهڙي بُري عادتن ۾ گرفتار ته نه آهيون؟ تنهنڪري جڏهن به ڪنهن سان ڪو مُعامَلو هجي ته اسان جي ڪوشِش اها هجي ته ان سان حُسْنِ اَخلاق سان پيش اچون ڇوته حُسنِ اَخلاق نهايت ئي خُوبصورت ۽ عُمدَه صِفَت آهي جو جنهن سان پرايو به پنهنجو ٿي ويندو آهي، خُوش اخلاقي

سان غَير مُسلم(Non-muslim) بہ مسلمان تي ويندو آهي، خُوش اَخلاق کي معاشري ۾ عزّت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ حُسنِ اَخلاق جي دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان جي پياري پياري آقا، حبيبِ ڪبريا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حُسن ۽ جمال بي مثال هو، مصطفيٰ جي صورت سان گڏوگڏ حضور جي پاڪيزه سيرت ۾ بہ سندن جو ڪو ثاني نہ آهي، حضور م اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ اهڙيون ئي پياريون پياريون ڳالهيون ڄاڻڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي وڃو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو، 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسةُ المدينہ بالغان" ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ بالغان جي بَرَڪت سان دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي ❖ مدرسة المدينہ بالغان نماز،وُضو ۽ غُسْل وغيره ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذريعو آهي ❖ مدرسة المدينہ بالغان ۾ حاضِري جي برڪت سان سني صُحبت ملندي آهي. ❖ مدرسةُ المدينہ بالغان جي برڪت سان قرآن ڪريم پڙهڻ ٻڌڻ جي سعادت ملندي آهي مدرسة المدينہ بالغان جي بَرَڪت سان علمِ دين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي❖ مدرسةُ المدينہ جي بَرَڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو آهي❖ مدرسةُ المدينہ جي برڪت سان مدني انعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُرائين ۾ مبتلا ماڻهو جڏهن دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآنِ ڪريم سکڻ ايندا آهن ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾حصو وٺندا آهن اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن تي مدني رنگ چڙهندو ويندو آهي. اچو! ان جي هڪ ايمان افروز مدني بهار ملاحظہ ڪريو ۽ خوش ٿيو.جيئن تہ

## بدنگاهي جي عادت مان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادي هو جڏهن تہ نمازن جي پابندي جو بہ ذهن نہ هو. اتفاق سان هڪ ڀيري ان جي ملاقات سفيد لباس زيبِ تن ڪيل سبز سبز عمامہ سجايل هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، ان اسلامي ڀاءُ دعوت قبول ڪندي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪت سان هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت معمول بڻجي ويو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جا مريد بہ ٿي ويا. نمازي ۽ مسجد ۾ درس ڏيڻ وارا بڻجي ويا. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي اهو اسلامي ڀاءُ فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن کي ڇڏي چڪا آهن ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي بہ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ ‫ تم آجاؤ دیگا سِکھا مدنی ماحول
بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر ‫ کے اچھوں کے پاس آ کے پا مدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ الله ‫ تم اپنائے رکھو سَدا مدنی ماحول
گر آئے شرابی مِٹے ہر خرابی ‫ چڑھائے گا ایسا نشہ مدنی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے ‫ نہ چُھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
گنہگار و آؤ، سیہ کار و آؤ ‫ گناہوں کو دیگا چُھڑا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۶۴۶تا۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! ‫ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُسن ۽ جمال ۽ خوبي ۽ ڪمال ۾ حضور نبي آخرُالزّمان رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪو ثاني ناهي. محدثن سڀني پنهنجي پنهنجي انداز سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عضوئن جي حُسن ۽ جمال  ڪي بيان ڪيو آهي. پر رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن ۽ جَمال ۽ اَوصاف ۽ ڪمال کي ڪما حقه (ڪامل طور) بيان ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالهه نه آهي، پر پنهنجي دلين ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو عشق وڌائڻ ۽ سندن ذڪرِ خير مان برڪت (Blessing) ماڻڻ جي لاءِ پاڻ عليه الصّلوٰةُ وَالسّلام جي ڪجهه مبارڪ عضوئن جي حُسن ۽ جمال جو تَذڪرو ٻڌي پنهنجو نالو ذڪرِ مصطفيٰ ڪرڻ وارن جي فهرست ۾ ته لکائي سگهون ٿا. مثال طور پاڻ سڳورن جو چهرو مبارڪ ڪهڙو هو، پاڻ سڳورن جون مبارڪ اکيون ڪهڙيون هيون؟ سندن جي پيشاني، سندن جا مبارڪ ڪن ڪهڙا هئا، سندن رُخسار ڪيترا خوبصورت هئا. اچو! سڀ ڪان پهريان چهره انور جي نوراني جلوئن جي جهلڪ ملاحظ ڪيون ٿا.

## چهرو مبارڪ

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ چهري مان هر وقت اَنوارو تجليات جي بارش ٿيندي هئي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهره انور جي برڪت سان اونداهين ۾ سوجهرو ٿي ويندو هو، ظلمتن جا بادل ختم ٿي ويندا هئا، جيئن ته

## گمشُده سئي ملي آهي اوهان جي مسڪرائڻ سان

اُمُّ الْمؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه صدّيقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا سَحري جي وقت ڪجهه سبي رهي هئي ته اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) به وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا. چهره اَنور جي روشني سان سڄو گهر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي. اُمُّ الْمؤمِنين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا عرض ڪيو: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو

چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايو: وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يرَانِي يوْمَ الْقِيامَةِ ۔ يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَایُصَلِّیۡ عَلَیَّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترك الصلاة ۔۔۔الخ، ص۳۰۲)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے　　شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

(ذوقِ نعت،ص۱۶)

حُسن و جمالِ مصطفٰے مرحباصد مرحبا　　اَوج و کمالِ مصطفٰے مرحبا صد مرحبا

عادات وخصالِ مصطفٰے مرحباصد مرحبا　　عز وجلالِ مصطفٰے مرحباصد مرحبا

عظمت وشانِ مصطفٰے　　مرحباصد مرحبا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مبارڪ اکيون

سَرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مُبارڪ اکيون وڏيون ۽ قُدرتِ الٰهي سان سُرمَگِين (سُرمي واريون) ۽ پلڪون دَراز (ڊگهيون) هيون. اکين جي سفيدي ۾ باريڪ ڳاڙها ڏورا هئا. (سيرتِ رسول عربي ،ص۲۵۱). پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن شخص تي ان مُبارڪ اکين سان نظر ڪندا هئا تہ ان جا ستل نصيب بيدار ٿي ويندا هئا. جيئن تہ

جب آگئی ہیں جوشِ رحمت پہ ان کی آنکھیں

حضرت سَيدُنا شيبہ بن عثمان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہ پنهنجي ايمان آڻڻ جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ جڏهن نبي ڪريم (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) غزوه حُنَين ۾ شريڪ ٿيا تہ مون کي خيال آيو تہ منهنجي والد ۽ چاچي کي حضرت علي ۽ حضرت

www.dawateislami.net

حمزه (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهما) قتل ڪيو هو، ڇو نہ اڄ مان انهن ڪان بدلو وٺان، انهن جي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي شهيد ڪريان، ان ارادي سان مان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ويجهو ٿيس ۽ آئون حملو ڪرڻ ئي وارو هئس تہ باهہ جو شعلو (Flame) بجلي وانگر مون ڏانهن وڌيو، جنهن سان خوف زده ٿي آءُ پوئتي وٺي ڀڳس، ايتري ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نَظرِ ڪرم مون تي پئجي وئي ۽ فرمايائون: اي شيبہ! پوءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو دستِ قدرت منهنجي سيني تي رکيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان کي منهنجي دل مان ڪڍي ورتو ۽ مون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري مبارڪ ڏانهن نظر ڪنئي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي پنهنجي سماعت ۽ بصارت کان بہ گهڻا محبوب لڳڻ لڳا. (دلائل النبوة لابي نعيم ، ١/١١٢،رقم: ١٤٢)

جس طرف اُٹھ گئی دَم میں دَم آ گیا — اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

حُسن و جمالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا — اَوج و کمالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا

عادات و خصالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا — عز و جلالِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا

عظمت و شانِ مصطفیٰ مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڀرُون مُبارَڪ

سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون ڀرون ڏگهيون ۽ باريڪ هيون ۽ درميان ۾ بئي ايتري قَدَر مُتّصِل هيون جو پَري کان مليل لڳنديون هيون. حضرت هند بن ابي هالہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا تہ ٻنهي ڀرون جي وچ ۾ هڪ رڳ هئي جيڪا ڪاوڙ جي حالت ۾ ظاهر ٿيندي هئي. (الشمائل المحمديه للترمذي، ص٢٢ حديث٧، ملتقطا)

جن کے سجدے کو مِحرابِ کعبہ جُھکی — ان بھووں کی لطافت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش، ص٣٠٠)

**مختصروضاحت:** اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن هن جهان کي پنهنجي بابرکت تشريف آوري سان زِينت بخشي ۽ حُضُور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ولادتِ با سعادت ٿي تہ سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ تہ سجدي ۾ ڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي اُمّت جي لاءِ دُعا فرمائي رهيا هئا ۽ ڪعبہءِ مُعظّم اوهان جي طرف جُهڪي ڪري اوهان جي نُوراني پِرُن جي نَزاڪت ۽ لَطافت کي سَلامي پيش ڪري رهيو هو . (شرح حدائقِ بخشش،ص:۱۰۲۱، بتغير)

## نَکُ مبارک

سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار، منبعِ انوار، صاحبِ عمامہ پُر انوار، صاحبِ گيسوءِ مُشڪبار، محبوبِ ربِّ غفّار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نَڪ مُبارَڪ خُوبصورت ۽ ڊگهو هو ۽ وچ ۾ اُڀريل نُمايان هو ۽ نک جي هڏي تي هڪ چمڪندڙ نُور هو. جيڪو شخص بغور نہ ڏسندو هو تہ ان کي معلوم ٿيندو هو تہ بلند آهي، جڏهن تہ بُلند نہ هو. بُلند تہ اهو نُور هو جيڪو ان (نَک) کي گهيرو ڪيل هو. ( الشمائل المحمديه للترمذي،باب ماجاء في خلق رسول الله،ص۲۲ حديث۷،ملتقطا)

بِنيِ پُرنُور پر رَخشاں ہے بُکّہ نُور کا ہے لِواءُالْحَمد پر اُڑتا پھَریرا نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص،۲۴۳)

**مختصر وضاحت:** سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنُور نک مُبارک تي هر وَقت ان طرح نُور چمڪندو رهندو آهي جو ائين لڳندو آهي جيئن لِواءُالْحَمْد (قِيامت جي ڏينهن اللّٰه تَعَاليٰ جي حمد جو جهنڊو جيڪو حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي هٿ ۾ هوندو ان) جوڦريرو (نشان) ڦڙڪي رهيو آهي. (شرح حدائقِ بخشش، ص:۷۱۰)

حُسن وجمالِ مصطفيٰ مرحبا صد مرحبا آوج و کمالِ مصطفيٰ مرحبا صد مرحبا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پيشاني مبارڪ

حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني مُبارڪ ڪشاده هئي ۽ چراغ وانگر چمڪندي هئي. جيئن تہ حضرتِ حَسان بن ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا :

مَتٰى يَبۡدُ فِي اللَّيۡلِ الۡبَهِيۡمِ جَبِيۡنُهٗ
بَلَجَ مِثۡلَ مِصۡبَاحِ الدُّجَى الۡمُتَوَ قِّدِ

يعني جڏهن اونداه رات ۾ سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني ظاهر ٿيندي هئي تہ، اونداهي جي روشن چراغ وانگر چمڪندي هئي. (شرح الزرقانی علی المواهب ج۵، ص۲۷۸) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:

جس کے ماتھے شَفاعت کا سہرا رہا
اس جَبینِ سَعادَت پہ لاکھوں سلام
(حدائق بخشش ،ص۳۰۰)

**شعر جي وضاحت:** جڏهن حَشر برپا ٿيندو۽ نفسا نفسي جو عالَم هوندو، ڪو ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نہ هوندو تہ شَفاعَت جو سهرو اسان جي آقا عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مٿي تي سجايو ويندو، تہ پوءِ ان لجپال آقا عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سَعادَت واري پيشاني تي ڇو نہ لکين ڀيرا دُرُوۡد ۽ سَلامِ مَحبَّت پيش ڪيا وڃن، جن جي سبب اسان جي ِهتي بہ ڦٿل نهي رهي آهي ۽ اُتي بہ نهندي.

حُسن و جمالِ مصطفٰي مرحبا صد مرحبا     اَوج و کمالِ مصطفٰي مرحبا صد مرحبا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لُعاب دَهن مبارڪ

حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو لُعابِ پاڪ خوشبودار ۽ نهايت مهڪ دار هو، جيڪڏهن ڪو غمگين ان سان برڪت حاصل ڪندو هو تہ ان جو غم خوشي ۾ تبديل ٿي ويندو هو، جنهن جي جسم جي ڪنهن حصي تي لڳي ويندو هو تہ

ان جو اهو حصو خوشبو دار ٿي ويندو هو، جيڪڏهن ڪو زَخْمي ۽ بيمار شخص لعابِ مبارڪ کي استعمال ڪندو هو ته شفاياب ٿي ويندو هو. جيئن ته حضرت سيدُناسَهل بن سَعد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي ته حضور نبي اَڪرم، نُوْرِمُجَسَّم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ خيبر جي ڏينهن ارشاد فرمايو: ”مان هي جهنڊو سڀاڻي هڪ اهڙي شخص کي ڏيندس، جنهن جي هٿ تي الله عَزَّوَجَلَّ فتح عطا ڪندو، اهو الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسو ل سان محبت ڪري ٿو ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جو رسول ان سان مَحَبَّت ڪن ٿا.“راوي چون ٿا: ”صحابہ ڪرامعَلَیهِمُ الرِّضْوَان اها رات وڏي بي چيني سان گذاري ته ڪهڙي خوش نصيب کي سرڪارصَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جهنڊو عطا ڪندا.“ صبح جو پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پڇا ڪيائون: ”علي بن ابي طالب (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ) ڪٿي آهن؟“ صحابَہ ڪرام عرض ڪيو: ”يا رَسُولَ اللہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهي اکين جي تڪليف ۾ مبتلا آهن.“ ارشاد فرمايائون: ”انهن کي مون وٽ آڻيو!“ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ حاضرِ خدمت ٿيا ته سرڪار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن جي اکين تي پنهنجو لُعابِ مبارڪ (Blessed Saliva) لڳايو ۽ ان جي لاءِ دعا ڪئي. ان جي برڪت سان پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جون اکيون هڪدم ٺيڪ ٿي ويون ۽ اهڙيون ٺيڪ ٿيون ڄڻ ته ڪڏهن تڪليف ٿي ئي نه.

(صحيح مسلم، ڪتاب فضائل الصحابۃ، باب من فضائل علي بن ابي طالب،الحديث:۶۲۲۳،ص۱۰۰۷)

جس کے پانی سے شاداب جان وجِناں اس دَہن کی طَراوت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش،ص۳۰۲)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي پياري محبوب** صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جودهن** (وات) اقدس علم ۽ حڪمت جو چشمو به آهي ۽ ان دهن جي تري جان ۽ دل جي لاءِ راحت ۽ سڪون ۽ تر ۽ تازگي جو باعث به آهي مان پنهنجي آقا جي دهن مبارڪ جي تري تي به لکين سلام موڪليندو آهيان.

حُسن و جمالِ مصطفٰی مرحباصدمرحبا اَوج و کمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## هٿ مبارڪ

رحمتِ عالَم،نُورِمُجَسَّم، شهنشاهِ اُمم، محبوبِ ربِّ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻانهن ۾ تريون گوشت سان ڀريل هيون. ڪارائيون ڊگهيون، ترين جي پُشت ڪشاده ۾ آڱريون ڊگهيون هيون. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون آڱريون چڻ چاندي جون شاخون هيون. مبارڪ تِريون ريشم کان وڌيڪ نرم (Soft) هيون ۽ عطر ڪپائڻ واري جي تري وانگر مهڪنديون هيون، چاهي پاڻ خوشبو کي هٿ لڳايو هجي يا نه. جيڪو شخص به پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مصافحو ڪندو هو، اهو سڄو ڏينهن پنهنجي تري مان خوشبو محسوس ڪندو هو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن ٻار جي مٿي تي دستِ رحمت ڦيرندا هئا ته ان جي مٿي مان خوشبو اچڻ جي ڪري ٻين ٻارن ۾ سڃاتو ويندو هو. (احياء العلوم ، ۱۳۲۵/۲) جن شين کي سندن مبارڪ هٿ لڳي ويندو هو اها شيء ڪئي ڪئي صحابهٔ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي ڪفايت ڪندي هئي، جيئن ته

حضرت سَيِدُنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته حُدَيبِيه جي ڏينهن اسان کي اُڃ لڳي جڏهن ته پاڻي ختم ٿي چڪو هو، حضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا ٿيو؟ ماٺهن عرض ڪيو اسان وٽ پيئڻ ۽ وضو ڪرڻ جي لاءِ پاڻي نه آهي، ان وقت پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ هڪ ڪوُنري جي برابر پاڻي هڪ ٿانوَ ۾ هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو دستِ اقدس ان ٿانوَ ۾ رکيو ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ آڱرين مان پاڻي جا چشما (Springs) نڪري پيا، اسان سيني ان مان پاڻي پيتو ۽ وضو به ڪيو. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان پڇيو ويو، ان وقت اوهان ڪيترا ماڻهو هئا، فرمايائون (1500) هئاسين اسان جيڪڏهن هڪ لک به هجون ها ته اهو پاڻي اسان کي ڪفايت ڪري ها. (صحيح البخاري،كتاب المناقب ، باب علامات النبوة في الاسلام ، الحديث: ۳۵۷۶، ۴۹۳/۲)

اُنگلیاں ہیں فیض پر ٹُوٹے ہیں پیاسے جھوم کر ندیاں پنج آبِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ

**مختصر وضاحت:** صلح حديبيه جي موقعي تي جڏهن پاڻي ختم ٿيو ته سرڪار

صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي معجزانہ شان هيئن ڏيکاري جو هڪ ٿانوَ ۾ هٿ مبارڪ رکيو تہ پاڻ جي فيض وارين آگرن مان پاڻي جا چشما جاري ٿي ويا صحابہ ڪرام پنهنجي اڄ ختم ڪرڻ جي لاءِ ڍڪيا سيني خوب پيتو ۽ پنهنجي سوارين کي بہ پياريو جو اهو پاڻي وجود مصطفيٰ جي خوشبو سان معطر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پير مبارڪ

ٻئي پير مُبارَڪ گوشت سان ڀريل ۽ خُوبصُورت اهڙا جو ڪنهن جا نہ هئا ۽ نَرم ۽ صاف اهڙا جو ان تي پاڻي ٿورو بہ نہ رُڪندو هو، بلڪ فوراً وَهي ويندو هو.جنهن شيء سان لڳندو هو اها شيء برڪت واري ٿي ويندي هئي حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پٿر تي هلندا هئا تہ اهو (پٿر) نَرم ٿي ويندو هو، تہ جيئن پاڻ آساني سان ان تان گُذري وڃن ۽ جڏهن ريتيءَ تي هلندا هئا تہ ان ۾ پير مُبارَڪ جو نشان نہ هوندو هو. (سيرتِ رسولِ عربي ،ص٢٧٧)

گورے گورے پاؤں چمکا دو خُدا کے واسطے
نُور کا تڑکا ہو پیارے گور کی شب تار ہے
(حدائقِ بخشش ،ص١٧٧)

**شعر جي وضاحت:** اي منهنجا پيارا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! خُدا جي واسطي پنهنجا سهڻا سهڻا ۽ نُوراني قدمَ منهنجي اونداهہ قَبر ۾ رکي ڪري منهنجي قَبر جي ڪاري رات کي صُبح جيان روشن بڻائي ڇڏيو! تہ جيئن منهنجي وحشت دُور ٿي وڃي ۽ نڪيرَين جي سُوالن جا آساني سان جواب ڏئي سگهان.

حُسن و جمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا
اَوج و کمالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا
عادات و خصالِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

عِزّ و جلال مصطفٰی مرحباصد مرحبا
عظمت و شانِ مصطفٰی مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت ميمونہ بنتِ ڪردم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا پاڻ عَلَیہِ السَّلام جي پيرن مبارڪ جو حُسن بيان ڪندي فرمائن ٿيون: مون رَسُوْلُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مکي ۾ ڏاچي تي سوار ڏٺو، ان وقت مان پنهنجي والد سان گڏ هيس، منهنجي والد پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو وڃي قدم مبارڪ پڪڙي ورتا. حضرت ميمونہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا فرمائن ٿيون: فَمَا نَسِيتُ فِيمَا نَسِيتُ طُولَ أُصْبُعِ قَدَمِهِ السَّبَّابَةِ عَلَى سَائِرِ أَصَابِعِهِ. مان گهڻيون ڳالهيون وساري چڪي آهيان پر اها ڳالهہ نہ وساري سگهيس تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پيرن جي اڱوٺي جي برابر واري آڱر (حسن وجمال ۾) (In elegance) ٻين آڱرين جي مقابلي ۾ ڊگهي هئي. (مسندامام احمد،حديث ميمونه بنت کردم،ج۱۰،ص۳۰۱ ملتقطا)

حُسن و جمالِ مصطفٰي مرحباصدمرحبا اَوج و کمالِ مصطفٰي مرحبا صد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب ”سيرتِ رسولِ عربي“ ۽ سيرتِ مصطفٰي جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ نامدار، عالَم جي مالڪ و مُختار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فضائل ۽ ڪمالات ۽ سندن حُسن ۽جمال بابت وڌيڪ مَعلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مکتبۃُ المدينہ جا ٻہ ڪتاب ”سيرتِ رسول عربي ۽ سِيرتِ مُصطفيٰ“ جو مُطالعو نهايت مُفيد آهي. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان ڪتابن ۾ اِعلانِ نُبوّت ۽ هجرت کان اڳ ۽ بعد جا واقعا، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اِختِيارات، نٺيپڻ ۽ خانداني حالات ۽ غزوات جي واقعن جي علاوه جمادات (يعني بي جان شين)، نباتات (وڻ وغيره)، حيوانات ۽ جِنّات وغيره بابت مُعجزن کي بہ نهايت

عُمده انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هنن ڪتابن کي هديةً حاصل ڪيو ۽ ان جو مُطالعو پاڻ بہ ڪيو ۽ ٻين سڳهي تہ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. هنن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، مني مصطفيٰ، سيدِ انبياء، حبيبِ خدا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن و جمال جي، سندن روشن ۽ مُنور چهري جي ڳالھ آهي تہ ڀري ڀري ڪان ماٺهو دِيدار جي لاءِ ايندا هئا ۽ دامنِ اسلام سان وابستہ ٿي ويندا هئا، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جلوئن سان سڄي ڪائنات کي عزّت بخشي ۽ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن وجمال سان سڄي جهان کي مزين (Adorn) فرمايو، تڏهن تہ اڄ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نور آفاقِ عالم ۾ چمڪي رهيو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مهڪ سان سڄي ڪائنات کي معطر ڪيو آهي، ٿورو سوچيو! جنهن آقا جي حسن ۽ جمال جو هي عالم آهي تہ خود انهن جي ذاتِ مُبارڪ جو ڇا عالم هوندو، پر افسوس تہ جنهن آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حسن ۽ جمال جو تذڪرو ٻڌڻ جي لاءِ اسان محفلون سڄايون، مرحبا يا مصطفي جون ڌومون مچايون، ڇا انهيءَ آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن کي ڇڏي غير مسلمن جي نقل ڪنداسين؟ ڇا سُنّتن ڀريو لباس ڇڏي نِت نوان فيشن (Fashion) اپنائينداسين؟ ڇا پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جي ٺاڻ نماز کي ڇڏينداسين؟ ڇا چهري کي ڏاڙهي شريف ڪان سجائڻ جي بدران ڏاڙهيون ڪوڙينداسين؟ پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان عظيم سُنّت کي ڇا گندي نالين ۾ وهائنداسين؟ ڇا اڃا بہ والدين جي نافرماني ۽ رشتيدارن سان بدسلوڪي سان پيش ايندا سين؟ ڇا اڃا بہ فلمن ڊرامن، گانن باجن ۽ ٻين غيرشرعي ڪمن ۾ پنهنجي زندگي برباد ڪنداسين؟ ڇا اها ئي

محبتِ رسول جي تقاضا آهي؟ اسان کي تہ صحابہ کرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي نقشِ قدم تي هلندي نبي کريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت وفرمانبرداري ڪرڻ گهرجي، جن ڪمن کان بچڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ويو، انهن جي قريب بہ نہ وڃڻ گهرجي ۽ جن ڪمن جي ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ويو آهي،ان ۾ هر گز دير نہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ هڪ مسلمان تي اللهعَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اِطاعت واجب آهي، جيئن سپارو 9سُوْرَةُ الْاَنْفال آيت نمبر1 ۾ فرمانِ باري تَعاليٰ آهي :

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝۱ (پ۹،الانفال :۱)

ترجمو ڪنزالايمان:۽ الله ۽ رسول جو حڪم مڃيو جيڪڏهن توهان ايمان رکو ٿا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هر حال ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريون ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن تي مضبوطي سان عمل ڪندي زندگي گذاريون ڇوتہ اهو ئي اسان جي نَجات (Salvation) جو ذريعو آهي. اچو! ان باري ۾ بہ (2) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو: جيئن تہ

1. ارشادفرمايائون: مَن اَطَاعَنِي دَخَلَ الْجَنَّةَ وَ مَنْ عَصَانِي فَقَدْ اَبيٰ، يعني جنهن منهنجو حڪم مڃيو، اهو جنّت ۾ داخل ٿي ويو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي اهو اِنڪار ڪرڻ وارو ٿي ويو. (بخاري، ۴۹۹/۴، حديث:۷۲۸۰ )
2. ارشاد فرمايائون: توهان مان ڪو ان وَقت تائين (ڪامل) مومن نٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جي خواهش منهنجي آندل جي تابع نہ ٿي وڃي. (مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام...الخ، ج۱، ص۵۴، الحديث:۱۶۷)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو اطاعتِ رَسُول جنت ۾ داخلي جو سبب آهي، ياد رهي! اطاعت ۾ هر اهو ڪم شامل آهي، جنهن کان بچڻ جو حڪم آهي (تہ انهن کان بچڻ اطاعت آهي) ۽ اهي ڪم بہ داخل آهن جنهن کي ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو آهي، جيئن نماز پڙهڻ ۽ ٻيا نيڪ ڪم ڪرڻ ضروري آهن، اهڙي طرح ڪوڙ، غيبت، وغيره گُناهن کان بچڻ بہ لازِم آهي، پر افسوس! اڄ

جا بعض نادان مُسلمان صرف نالي جا رهجي ويا آهن نه ڪردار (Character) ۾ دِين جي ڪا نشاني نظر اچي ٿي نه اخلاق ۾، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اخلاق جي جهلڪ نظر اچي ٿي، بدقِسمتي سان گناهن تي هڪ ٻئي جي مدد نه ڪئي ويندي آهي پر نيڪي جي ڪمن ۾ شيطان لعين رُڪاوٽون وجهندو آهي، لڙائي جهيڙا عام ٿيندا پيا وڃن، سُنّتن جو مذاق اُڏيو پيو وڃي، نه پٽ پيءُ جي قدر سڃاڻي رهيو آهي نه ڌيءُ ماءُ جي قدردان آهي، جنهن پاسي نظر ڪٽي ڏسو بي عملي، بي راه روي ۽ سُنّتن جي خِلاف وَرزي جا دل ڪي ڏڪائيندڙ نَظارا آهن. زباني عشقِ رسول جي دعويٰ ڪرڻ وارن نادانن کي اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي مدني چوٽ ڪندي ۽ سمجهائيندي پنهنجي مجموعه ڪلام "وسائلِ بخشش" ۾ ڪجهه هيئن فرمائن ٿا:

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عالموں پر ہنسیں،پھبتیاں بھی کَسیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو کہ گانے سنیں، فلم بینی کریں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
بد نگاہی کریں، بد کلامی کریں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کھائیں رزقِ حرام ، ایسے ہیں بد لگام اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
عہد توڑا کریں ، جھوٹ بولا کریں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
جو ستاتے رہیں دل دُکھاتے رہیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
چغلیوں تہمتوں ، میں جو مشغول ہوں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
گالیاں جو بکیں عیب بھی نہ ڈھکیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
داڑھیاں جو منڈائیں کریں غیبتیں اُن کو کس نے کہا؟ عاشقانِ رسول
کاش ! عطّار کا طیبہ میں خاتِمہ ہو کرو یہ دُعا عاشقانِ رسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! هڪ ڏينهن مَوت اسان جي حياتي ختم ڪري قبر ۾ سُمهاري ڇڏيندي، پوءِ بروزِ محشر ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ بيهي حساب ڏيڻو پوندو، سوال ٿيندو عمر ڪهڙن ڪمن ۾ گذراي؟ پوءِ ٻيو سوال ٿيندو جواني ڪهڙن ڪمن ۾ گذاري؟ بالخصوص منهنجا نوجوان اسلامي ڀائرو! ان وقت اسان ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ ڪهڙو جواب ڏينداسين ته اي مالڪ! مون پنهنجي جواني گلي، محلن ۽ چوڪن تي فضول ڪچهرين ۾ وڃائي ڇڏي يا سڄي سڄي رات سوشل ميڊيا تي فضوليات ۾ مشغول رهي برباد ڪئي. ٿورو غور ڪريو! جيڪڏهن انهن برن ڪمن جي ڪري بروزِ قيامت حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو چهرو مبارڪ ڦيري ورتو ته پوءِ ڪير اسان جو مدد گار ٿيندو؟ اوهان جي علاوه ڪنهن کان شفاعت جي خيرات گهرنداسين؟

تمہارانام مصیبت میں جب لیا ہوگا ۔۔۔ ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہوگا
دکھائی جائے گی محشر میں شان محبوبی ۔۔۔ کہ آپ ہی کی خوشی آپ کا کہا ہوگا
خدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خوشی ۔۔۔ خدائے پاک خوشی ان کی چاہتا ہوگا
کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے ۔۔۔ کوئی اَسیرِ غم ان کو پکارتا ہوگا
کسی کے پلہ پہ ہوں گے یہ وقتِ وزنِ عمل ۔۔۔ کوئی امید سے منہ ان کا تک رہا ہوگا
کوئی کہے گا دُہائی ہے یَارَسُوْلَ اللہ ۔۔۔ تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہوگا

(ذوقِ نعت،ص ۳۵،۳۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، پر اهو ذهن نشين رهي ته ڪنهن به عملِ خير ۾ سٺي نيت جو مطلب هي آهي ته جيڪو عمل ڪيو پيو وڃي، دل ان ڏانهن مُتَوجِّہ هجي ۽ اهو عمل رِضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪيو وڃي، ان نيت سان عبادات کي هڪ ٻئي سان جدا ڪرڻ يا عبادت ۽ عادت ۾ فرق ڪرڻ مقصد هوندو آهي. ياد رهي! صِرف زَباني ڪلام يا سوچ يا بي توجّهي سان ارادو ڪرڻ انهن سڀني کان نيت گهٽو پري

آهي، چوته نيت هن ڳالهه جو نالو آهي ته دل ان ڪم ڪي ڪرڻ جي لاءِ بلڪل تيار هجي يعني عزمِ مُصمَّم ۽ پڪو ارادو هجي.

اج ڪان پوءِ اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿيندي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. نه ڏاڙهي ڪٽائيندا سين، نه هڪ مُٺ ڪا گهٽائيندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ . (ياد رهي! هيئر تائين جيڪو ڏاڙهي ڪٽائڻ جو گناه ڪيو ان ڪان توبه به ڪرڻي پوندي) سُنَّت جي مطابق لباس ۽ مٿي تي سبزسبز عمامي شريف جو تاج سجائيندا سين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. والدين جي نافرماني ڪان بچندا سين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. پيىرن، پائرن ۽ ٻين رشتيدارن سان حُسنِ اخلاق سان پيش ايندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي تمام اهلِ محشر جي اڳيان رُسوا ٿيڻ ڪان بچائي، پنهنجي ۽ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۾ زندگي گذارڻ جي توفيق نصيب فرمائي چوته جنهن خوش نصيب پنهنجي جواني عبادت ۽ رياضت ۾ بسر ڪئي هوندي، پنهنجي جواني ۾ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي هوندي، پنهنجي جواني نيڪي جي دعوت ڏيندي گذاري هوندي، پنهنجي جواني ۾ پوڙهي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪئي هوندي ته اهڙن خوش بخت ڪي بارگاه الٰهي مان انعام ۽اِڪرام سان نوازيو ويندو، تنهنڪري انهن پساهن ڪي غنيمت سمجهندي بُرن دوستن (Friends) جي صُحبت ڪان بچڻ، گُناهن ڪان سچي تَوبه ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ اِستقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جا مسافر بڻجي وڃو، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن ڪان روڪڻ وارا بڻجي وڃو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ به ڪاميابي اسان جا قدم چُمندي ۽ آخرت ۾ به ڪاميابي نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَجلِس شُعبَہ تَعلِيم

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جتي سجي دُنيا ۾ مسلمانن ڪي نيڪي جي ڪمن ڏانهن گامزن ڪري رهي آهي اتي تمام گورنمنٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولز، ڪالجز، يونيورسٽيز ۽ مُختلِف تعليمي اِدارن سان وابسته ماڻهن ۾ تبليغ قرآن

۽سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي پيغام ڪي عام ڪرڻ جي لاءِ مجلس شُعبہ تعليم جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جنهن جو بُنيادي مَقصَد انهن اِدارن سان وابستہ ماڻهن کي دعوتِ اسلامي سان وابستہ ڪندي سُنّتن جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ آهي، هي مجلس ڪالجز ۽ يونيورسٽيز جي استادن (Teachers) ۽ شاگردن (Students) سان سنين سنين نيتن سان تعلق قائم ڪري انهن کي تاجدارِ رِسالت، شهنشاھ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن جي پهچان ڪرائي ٿي. ۽ تَعْليمي اِدارن ۾ مدني اِنعامات جو سِلسِلَو جاري ڪندي ۽ هاسٽل ۾ مدرسة المدينہ بالِغان قائم ڪري هنن مُستَقبِل جي مِعْمارن جي دِيني ۽ اَخْلَاقي تَربِيت جي هر مُمڪن ڪوشش ڪندي آهي اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اجا تائين بي شُمار بي عمل شاگردن، گناهن کان توبہ ڪري نمازي ۽ سُنّتن جا عادي بڻجي چڪا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سمورين مجلسن کي خوب برڪتون عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! میری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان حُسن ۽ جمالِ مصطفي جي باري ۾ پڙهيو، اسان پڙهيو تہ

- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو حُسن ۽ جمال بي مثل ۽ بي مثال ،
- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا ڏند مبارڪ چمڪدار، زُلف خمدار،
- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مُبارڪ چهرو چنڊ ۽ سج کان وڌيڪ روشن،

www.dawateislami.net

- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن و جمال کي ڏسي بيقرار دلين کي چين ملي ٿو،
- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن وجمال کي ڏسي ماڻهو ڪلمو پڙهندا هئا،
- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُسن وجمال کي بيان ڪرڻ صحابہَ ڪرام ۽ بُزرگانِ دين جو طريقو آهي .
- اسان جي آقا، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَحسين وجميل هئڻ سان گڏوگڏ بااخلاق،عاجزي جا پيڪر، ٻارن سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد، غمزدن ۽ لاچارن جي حاجت روائي ڪرڻ وارا هئا.الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سچي مَحَبَّت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ٻارهين تاريخ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ٻارهين رات آهي ۽ انهيءَ نسبت سان 12 جي عدد سان اسان کي پيار آهي.شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمدالياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي نعتيہ ديوان ”وسائلِ بخشش“ ۾ فرمائن ٿا:

کیوں بارھویں پہ ہے سبھی کو پیار آگیا آیا اسی دن احمدِ مختار آگیا
گھر آمنہ کے سیّد ابرار آگیا خوشیاں مناؤ غمزدو غمخوار آگیا
برسیں گھٹائیں رحمتوں کی جُھوم جُھوم کر رحمت سراپا جب مرا سردار آگیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

انهيءَ ٻارهين تاريخ جي پياري پياري نسبت سان دعوتِ اسلامي جي گهٽ مان گهٽ 12 هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماعن ۽ هفتيوار مدني مذاڪرن ۾ اوّل تا آخر شرڪت ۽ پاڻ سان گڏ انفرادي ڪوشش ڪري گهٽ مان گهٽ ٻه ٻه اسلامي ڀائر گڏ آڻڻ جي نيت ڪيو. هن ارادي سان هٿ کڻي زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ .

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پياري آقا، سيدالانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي خوشي ۾ ربيع الاوّل ۾ بلڪ تي سگهي تہ هتوهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري وٺو.

اسان سيئي دعوتِ اسلامي جي هن پياري پياري مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهون، اڄ جي هن مبارڪ رات جي عظيم گهڙين ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ڪندي نيڪ عملن جون سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، فرض علم سکڻ، مدني انعامات جو روزانہ فڪرِ مدينہ ڪرڻ ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جون نيتون ڪري وٺو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! ميلادِ مُصطفي جي ڪجھ حَسِين گهڙين جو ذِڪر ٻڌون ٿا، تہ جڏهن منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري ٿي، تاريخ ڇا هئي؟ ڏينهن ڇا هو؟ ڪهڙيون حالتون هيون؟ اچو ٻڌوءِ ايمان تازو ڪيو.

ماه ربيع الاوّل جي 12 تاريخ ۽ ڏينهن دو شنبہ يعني سومر آهي، حضرتِ سيدنا عبدالمطلب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه ، پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري ڏاڏا سائين حرم شريف ۾ اڳي ويا آهن، حضرتِ آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْها گهر ۾ اڪيليون آهن، ڇوتہ سسُ ۽ مڙس اڳ ۾ گذاري چڪا هئا، سُهرو خانہ ڪعبہ جو طواف ڪرڻ ۾ مشغول آهي، سندن خيال ڪيو تہ ڪاش! هن وقت خاندانِ عبدِ مناف جون ڪجھ عورتون مون وٽ هجن ها، اوچتو ڇا ڏسن ٿيون تہ نهايت خوبصورت ۽ سهڻين عورتن سان گهر ڀرجي ويو . پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْها انهن کان پڇيو: ”بيبيون! توهان ڪير آهيو؟ ڪٿان کان آيون آهيو؟ ۽ ڇو آيون آهيو؟“ اُنهن مان هڪ

چيو،” مان اُمُّ البشر تمام انسانن جي ماء، آدم جي گهرواري حوّا آهيان“ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا ، ٻيءَ چيو،” مان فرعون جي گهرواري آسيہ آهيان“رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا ۽ ٽينءَ چيو،”مان عيسيٰ روح الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي والده مريم آهيان رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا ۽ باقي تمام عورتون جنت جون حورون آهن، اڄ ڪونين جي گهوٽ، عالمين جي داتا، فقيرن جي ملجا ۽ ماوٰي محمد رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد آمد آهي، سندن استقبال ۽ اوهان جي خدمت جي لاءِ اسان آيون آهيون. اي آمنہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا ! دروازي کان ٻاهر نگاهہ وجهو چئني پاسي جيستائين نظر وڃي ملائڪن جا ميلا آهن، گهر ۾ حُورون در تي ملائڪ آهن، جنهن جون قطارون آسمان تائين آهن“.حاضرين ۾ ڪجهه اهڙي طرح ساراهہ ٿي رهي آهي.

(مجموع لطيف انسيي في صيغ المولدالنبوي القدسي،ص٢٩٢،ملخصاً)

آئی نِدا کہ آمنہ جاگے تیرے نصیب آئیں گے تیری گودی میں اللہ کے حبیب

کہا حوروں نے یہ محبوبِ ربُّ العالمیں ہوں گے فرِشتوں نے کہا سرکار ختمُ المرسلیں ہوں گے

زمیں بولی کہ یہ اسرارِ قدرت کے امیں ہوں گے فلک بولا کہ ان کے بعد پیمبر نہیں ہوں گے

پيارا نبي، منا نبي، سنا نبي، سچا نبي، آمنہ جي اکين جا تارا نبي، دائي حليمہ جا دُلارا نبي، ٻي سهارن جا سهارا نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ختنہ شده، ناف بريده(ڌن وڍيل) سُرمگين اکين (اکين ۾ سرمو پاتل) سان تشريف فرما ٿيا. هر قسم جي گندگيءَ کان پاڪ بلڪ گندگيءَ کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيا. غيب مان آواز اچڻ لڳي ربِّ ڪعبہ (عَزَّوَجَلَّ) جي قسم! ڪعبي کي عزت ملي وئي . هوشيار ٿيو جو ڪعبي کي ان جو قبلو ۽ مسڪن قرار ڏنو ويو.

محبوبِ ربِّ العزت، مصطفي جانِ رحمت، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف آڻيندي ئي ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪيو. مبارڪ آڱريون آسمان ڏانهن ڪنيل هيون. جنّتي گلن کان وڌيڪ حسين چَپ حرڪت ڪري رهيا ها ۽ آواز آيو پئي: رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ،

ولادتِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موقعي تي 3 جهنڊا نصب ڪيا ويا، هڪ اوڀر ۾، هڪ اولهه ۾ ۽ هڪ خانہ ڪعبہ جي ڇت تي.

حضرتِ سيدتنا آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمائن ٿيون، وِلادتِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وقت اهڙو نور چمڪيو جو اولهه ۽ اوڀر روشن ٿي ويا ۽ مون مڪي مان شام جا محلات واضح طور تي ڏسي ورتا.

آمِنہ تجھ کو مبارک شاہ کا میلاد ہو
تیرا آنگن نور، تیرا گھر کا گھر سب نور ہے
اِس طرف جو نور ہے تو اُس طرف بھی نور ہے
ذرّہ ذرّہ سب جہاں کا نُور سے معمور ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما ٿيندي ئي سجدو فرمايو، ڪاش! اُن سجدي جي صدقي ۾ اسان کي سجدن جي توفيق نصيب ٿئي ۽ اسان پنج ئي نمازون مسجد ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان پهرين صف ۾ پڙهڻ جا عادي بڻجي وڃون. ياد رکو! هر مسلمان مرد ۽ عورت تي پنج وقت جي نماز فرض آهي.نماز جي فرضيت جو انڪار ڪرڻ وارو ڪافر آهي، چاهي ان جو نالو ۽ ڀيا ڪم مسلمانن وارا هجن.جيڪو بد نصيب هڪ وقت جي نماز بہ جاڻي واڻي قضا ڪندو آهي ان جو نالو جهنم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي .

رُوحُ الامیں نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تا عرش اُڑا پھریرا صبحِ شبِ ولادت

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان بہ پنهنجي هٿن ۾ ۽ پنهنجي سوارين تي فيضانِ گنبدِ خضريٰ ۽ فيضانِ گنبدِ غوث ۽ رضا سان مالا مال مدني پرچم ڪڻي، اميرِ

اهلسنّت جي عطا کيل مدني گلن (مکتوب) جي مطابق جلوسِ ميلاد ۾ شرکت کنداسين. زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ 12 ربيع الاول يعني اڄ جو روزو به رکنداسين، ڇوته اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر تي روزو رکندا ها ۽ جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو ته ارشاد فرمايو ”انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي پهرين وحي نازل ٿي“. ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ اسان به اڄ روزو رکنداسين....... هٿ کڻي زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم کندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گھر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

❖ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: بِسۡمِ اللّٰهِ تَوَکَّلۡتُ عَلَی اللّٰهِ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تعالي تي ڀروسو ڪيو. الله تعالي کان سواءِ نه طاقت آهي ۽ نه قوت. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ

جي مدد شاملِ حال رهندي. ❖ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡأَ لُك خَيۡرَ الۡمَوۡلَجِ وَ خَيۡرَ الۡمَخۡرَجِ بِسۡمِ الله وَلَجۡنَا وَ بِسۡمِ الله خَرَجۡنَا وَ عَلَى الله رَبِّنَا تَوَكَّلۡنَا (ایضاً۔حدیث۵۰۹۶) ترجمو: يا الله عَزَّ وَجَلَّ! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، اللهعَزَّ وَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار اللهعَزَّ وَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو) دعا پڙهڻ ڪانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو. الله (عَزَّ وَجَلَّ) جو نالو ونڻ کان بغير مثال طور بِسۡمِ اللهِ چوڻ بغير جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي جيڪڏهن اهڙي گهر (يلي ڪٽي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهيءَ سلام جو جواب ڏيندا. (رَدُّالۡمُحتارج۹ ص ۶۸۲) يا هن ريت چوي: اَلسَّلامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني اي نبي توهان تي سلام) چوته حضور اقدسصَلَّی الله تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) ❖ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو ڪڙڪائي ته سنت اها آهي ته پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي ته پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينه!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي. ❖ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجهه ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن

تنهنڪري بالڪوني (ماڙيءَ جو اڱڻ) وغيره مان جهانڪڻ وقت ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي جو انهن جي گهرن ۾ نظر نہ پوي ❖ ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں ۽ **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تین دن ہر ماہ جو اپنائے مَدَنی قافلہ بے حِساب اُس کا خُدایا! خُلد میں ہو داخلہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ﹰ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

1...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305